MUSHTAQ AHMED SHUJRA

ترقي پسند ماهوار سلسلو

# نئين دنيا

پبليڪيشنس سکر

ڏياون
جي
پيداوار

Aftab Ahmed Soomro 'A'



سينگاريندڙ

- شيخ اياز
- وشنو ڀاٽيا
- امداد حسيني
- نجم عباسي
- تاج بلوچ
- ايم ڪمل
- حليم ٻروهي
- واجد ناز
- فهميدا رياض
- بردو سنڌي
- شوڪت شورو
- تاجل بيوس
- استاد بخاري
- افضل قادري
- ڪيهر شوڪت
- ملڪ نديم
- ادل سومرو
- زيب سنڌي
- رفيق سومرو
- قيوم لاڙائي
- ذوالفقار سيال
- مسرور لاشاري
- قلندر بدوي
- منظور بلوچ
- اياز گل
- رزاق مهر

۽ ٻيا

Aftab Ahmed Soomro
SHP. SIND

ترقي پسند ماهوار سلسلو

ٻارن ٻيو ڪتاب

”ڏياڻن جي پيداوار“

# نئين دنيا
## سڪرسنڌ

جولاءِ - آگسٽ 1976

مرتب:
رزاق مهر

ٻاڌهن پيلي:
نظير ٽوڻ

مئنيجر:
امانت جلباڻي

مصور:
منصور عالم من

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت 3-00 روپيا

ائڊريس:
”نئين دنيا“ پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس نمبر 36
بروهي محلو،
واريءَ ٽَڙ سکر سنڌ پاڪستان.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

| سينگاريندڙ | * سينگار |
|---|---|
| شيخ اياز | وائي |
| وشنو ڀاٽيا | جوئاري |
| امداد حسيني | ٻوسٽ |
| تاج بلوچ | گيت - غزل |
| ايم ڪمل | غزل |
| واجد ناز | اڄ توکي ڏٺو ئي ٿيندو - ڏيڍي ڀانڊ - ڇؤ واٽي تي |
| ملڪ نديم | قران سان شادي |
| نجم عباسي | پنهنجي زماني کان اڳيرو |
| ٻردو سنڌي | گيت |
| تاجل بيوس | رت بنا ٿو رت گهرين |
| فهميدا رياض | نيڻ |
| افضل قادري | اڏمو |
| انور | نظم |
| حليم بروهي | ١٢، مارچ ١٩٧٦ |
| آستان بخاري | الا عشق اڪرن جو.......... |
| شرجيل | بي سمجهه |
| ادل سومرو | وائي |
| نصير شاد | نظم |
| سوسن مرزا | ٻانهن ڪنگڻ |
| شوڪت حسين شورو | ڊهندڙ ديوارون |
| عثمان ميمڻ | ڀنڀڪڙا |
| در محمد پٺاڻ | وائي |
| امين تيبو | گيت |

| | |
|---|---|
| نور گهلو | ٽوپ جواب |
| ڪيهر شوڪت | ڏٻاڻن جي پيداوار |
| اطهر منگي | ٻوڙهو لوڙهو - ڪارو ڪاري |
| منوهر پريم ساگر | وائي |
| وفا ناٿن شاهي | غزل |
| وقار | غزل |
| محسن لاڙڪاڻوي | گيت |
| لقمان حڪيم | بدلو |
| رفيق سومرو | لڙڪندڙ لاش وڃندڙ گهنب |
| حبيب چانڊيو | آزاد نظم |
| رحمت | آزاد نظم |
| اسلم سنڌيلو | دوها |
| مير محمد پيرزادو | آرزو |
| منظور بلوچ | آزادي |
| رسول بخش قريشي | ماٺيو |
| رسول ميمڻ | وائي |
| امانت جلباڻي | مينٽل ڪيس |
| راحم صديقي | غزل |
| حبيب بروهي | سليمن جي ٻاچي ۾ - واڪا |
| نظير ڏوڻ | تون ۽ مان |
| الطاف بيدار | ڪو ٻڌائي؟ |
| زيب سنڌي | نمازي |
| اياز گل | غزل |
| رزاق مهر | ٿاڪ منجهند |
| ۽ | |
| ٻيا.... | |

ڪچهريءَ ۾ پڙهيل ادبي لکڻين تي پوري اعتماد سان تنقيد ڪندو هو. هو ان موضوع جو چڱي طرح ڄاڻو هو. هن جو مطالعو وسيع هو. هن ان ڪچهريءَ ۾ پنهنجون ئي ننڍڙيون ڪهاڻيون پڻ پڙهيون هيون، جن ۾ زندگيءَ ۽ زنده دليءَ جو سبق هو.

اڄ اهوئي شخص موت جي بستري تي بيوس پيو هو.

هن مونکي ڏسي، مون ڏي اميد ڀريل نگاهن سان نهاريو، ڄڻ ته چوندو هجي ته تون منهنجو مائٽ آهين، تون منهنجو دوست آهين، تون منهنجو اديب ساٿي آهين، تون ڊاڪٽر به آهين؛ مان زنده رهڻ چاهيان ٿو، مونکي زندگيءَ سان پيار آهي، تون ئي مونکي بچائڻ جو بلو ڪر.

شايد انهيءَ خيال هيٺ ئي هڪدم هن مونکي چيو "ادا، تون ئي مونکي رت چاڙه."

منهنجي ڪمري ۾ گهڙڻ وقت، ٻه ڇوڪرا هن کي رت جي بوتل چاڙهڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. ان چاڙهڻ لاءِ ئي مونکي چيائين.

مون اها بوتل هن کي چاڙهي. هن جي حالت ۽ منهن مهاندو ڏسڻ ڪري، جو منهنجي ذهن کي ڌڪڪو پهتو هو، ان جي اثر هيٺ، اها بوتل چاڙهيندي منهنجا هٿ ڏڪي رهيا هئا.

پوءِ مان ٿورو وقت ويهي هليو آيس.

ٻئي ڏينهن آچر جو ڏينهن هو. مان هن کي ڏسڻ ڪونه وڃي سگهيس.

ٽئين ڏينهن سومر جو صبح جو سوير ستين ڏاري سول اسپتال ۾ ويس. وراندي مان ئي اسپيشل وارڊ جي ڪمري نمبر پنجين جي کليل در ۽ کليل دريءَ مان خالي بسترو ۽ خالي ڪمرو ڏسي، مون کي پروڙ پئجي ويا ته ڪهڙو قهر ٿي چڪو.

هڪ وارڊ بواءِ ڪمري جي صفائي ڪري رهيو هو. پڪ ڪرڻ لاءِ، يا شايد ڪو ٻيو جواب ٻڌڻ جي اميد ۾ هن کان پڇيم.

"ابا، هي بيمار ڪيڏانهن ويو؟"

"سائين، هي رات ٻين بجي وفات ڪري ويو ۽ پنجين بجي هن جو لاش مائٽ ڳوٺ کڻائي ويا."

هن جو ڳوٺ هتان حيدرآباد کان ٽيهن ميلن تي آهي.

مان مات ڪري وارڊ مان نڪري آيس.

مان پنهنجي اسپتال ۾ بيمار ڏسي رهيو هوس، ته ڏهين بجي ڏاري، هن جي سوٽ جو پٽ دوا وٺڻ آيو. هن کي چيم "تنهنجو چاچو گذاري ويو؟" هن جواب ڏنو "اسان کي ته اهڙو اطلاع ڪونهي."

ڇوڪر جي وڃڻ کانپوءِ، مونکي ويچار آيو ته ڪٿي مونکي غلط فهمي ته نه ٿي آهي. اسپتالن ۾ مريض جو ڪمرو بدلائبو به آهي. هتان ڪالهه مون دوست کي ڪو ٻيو ڪمرو ڏنو اٿن ۽ هن جي ڪمري ۾ ڪو نئون مريض آيو آهي ۽ هن نئين مريض ئي رات وفات ڪئي آهي ۽ وارڊ بواءِ مونکي ان بابت ئي ٻڌايو هجي. ڇو ته مون نالو ڪٿي وارڊ بواءِ کان نه پڇيو هو.

انهن ويچارڻ لاءِ سبب هي هئا ته جي هن جو موت ٿئي ها ته هن جا پاڙير، جي منهنجي پاڙي ۾ رهن ٿا، سي رسم موجب هن جي موت جو هڪدم اطلاع ڪن ها. مان نه رڳو سندن پاڙيسري هوس پر مائٽ پڻ. پر هنن اهڙو اطلاح ڪونه ڏنو هو. ٻيو سبب هي هو ته هن جو سوٽ، جو منهنجي اسپتال پرسان رهندو هو، ان کي ڏهين وڳين تائين اهڙي خبر ڪانه ڏني ويئي هئي.

ان بي يقينيءَ جي حالت ۾، ڪمپائونڊر کي موڪليم ته وڃي هن جي سوٽ جي گهران اڻ سڌي طرح پڇي اچ ته مون وارو دوست، جو اسپتال ۾ داخل آهي، هن جي طبيعت ڪيئن آهي. ڪمپائونڊر موٽي اچي ٻڌايو ته چون ٿا ته ڪالهه کان وٺي هنجي خراب حالت آهي. اهو ٻڌي مونکي ڪجهه اميد جاڳي ته شايد واقعي ئي مان غلط فهميءَ جو شڪار ٿيو آهيان ۽ اسان وارو يار اڃا حيات آهي.

پر تڏهن به پڪ ڪرڻ خاطر، ڪمپائونڊر کي هڪ ٻئي دوست وٽ موڪليم جو ان بيمار دوست جو گهاٽو يار هو. ڪمپائونڊر موٽي اچي ٻڌايو ته هو پاڻ ڪونه هو، باقي سندس پٽيوالي ٻڌايو ته اهو بيمار دوست رات لاڏاڻو ڪري ويو ۽ هو هن جي ميت سان گڏ هنن جي ڳوٺ ويل آهي. تڏهن ان ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه رهي ته لاهوتي لڏي ويا.

مون سوچيو ته ڪهڙي نه عجب جهڙي ڳالهه آهي جو پاڙير، پاڙي جي موت جو اطلاع پاڙي وارن ۽ مائٽن کي ڪونه ڏنو ۽ نه هنن جي گهران ڪو رڙڻ جو آواز آيو، ۽ سوٽ کي ساڳئي شهر ۾ رهندي، اٺن ڪلاڪن گذرڻ کانپوءِ به هن جي موت جي خبر ڪانه هئي.

پوءِ اهو پڻ ٻڌم ته هن جو لاش پاڙير پنهنجي گهر ڪونه کڻي ويا، پر لاش کي سندس ساهرين گهر آندو ويو ۽ اتي ئي انکي غسل ڏئي پوءِ ڳوٺ نيو ويو.

مون گذريل حالتن تي سوچيو ته مونکي ياد آيو ته هو پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي پاڙيرن کان الڳ ٿلڳ رهيو هو، يا ائين کڻي چئجي ته هنجو خاندان ۽ هن جا پاڙير سدائين هن کان الڳ ٿلڳ رهيا هئا.

گذريل ڏهن ٻارنهن سالن ۾ مون هنکي مشڪل سان ٻه يا ٽي ڀيرا پنهنجي پاڙيرن جي گهر ايندي ويندي ڏٺو هو. هو شهر ۾ رهندو ئي جدا گهر ۾ هو. مون ته اهو به ٻڌو آهي ته هن کي ۽ هن جي اولاد کي وڏن جي ملڪيت ۽ زمين جي حقي حصي کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش به ٿئي ڪئي وئي آهي.

پاڙيرن ۽ خاندان جي هن کان دوريءَ جا ٻه ڪارڻ منهنجي ذهن ۾ اڀريا. هڪ ته هر صحيح سوچ رکندڙ ۽ ترقي پسند اديب پنهنجي زماني کان ذهني طرح اڳڀرو ۽ نظرياتي طور نرالو هوندو آهي. هو مذهب تي به ٽيڪا ٽپڻي ڪندو آهي ۽ فضول ريتن رسمن ۽ اجاين وهمن جي مخالفت ڪندو آهي. هو انڌي عقيدتمنديءَ سان بغاوت ڪندو آهي، هو سماج سان بغاوت ڪندو آهي.

شوڪت حسين شورو (ڪهاڻي)

# ڊهندڙ ديوارون

ديوارون ڊهيون پئي!
پنهنجن قيمتي ڪپڙن کي سنڀاليندي
ويجهو آئي، تڏهن آڱر هن جي چپن تي آئي:
’هي تہ ڊهي پيون!‘
ديوارون چپ هيون. ديوارن کي زبان
ڪٽي!
’چڱو جو مان هن گهر ۾ نہ آيس....‘
ـ ها
ديوارون
ڊهي
پيون
ديوارون
ڊهي
پيون....
هن واڻڙي تي نهاريو. ديوارن ڪونہ
ڳالهايو هو، رڳو هوا جو سوسٽ هو. ديوارن
کي زبان ڪٽي.
سرن ڳرڻ شروع ڪيو هو. در ديوار
مان اکڙيل هو.
’اندر ڪو رهي ٿو؟‘ هن سوچيو.
’ڪو آهي؟ ڪو آهي؟‘ هن سڏ ڪيو.
ڪٿان ڪنجهہ ڪنن کي پهتي.... يا
هوا جو شوڪارو هو!
’اندر رڳو چمڙا هوندا، يا انسان
هوندا؟ ڪو تہ هوندو.... ڪو تہ هوندو!‘
رڳو هوا جو سوسٽ هو.
’اندر وڃي ڏسجي من ڪو هجي.
آخر ضرورت ڪهڙي آهي؟ مون رڳو ڏسڻ
ٿي چاهيو. ائين ئي تجسس وچان معلوم
ڪرڻ ٿي چاهيو. سالن کان پوءِ ڪي ياد
ايندا آهن تہ ڏسڻ تي بہ دل ٿيندي آهي،
ان ۾ آهي ئي ڇا....‘
ـ ها
ان
۾
آهي
ئي
ڇا....
ان
۾
آهي
ئي
ڇا....
هڪڙو ڇاپڙو ڪري پيو ۽ ديوار
اگهاڙي ٿي پئي.
”هي تہ خطرناڪ آهي، ڪنهن بہ
وقت ديوارون ڊهي اچي پٽ پونديون....
ڇگو ٿيو مان نہ رهيس. خدا جي پناهہ،

# دٻاوَن جي پيداوار

ذلت جي احساس کي شراب جي درياءَ ۾ ٻوڙڻ لاءِ، هو بار ۾ وڃڻ لڳو. اها مهيني جي پهرين، آچر جي رات هئي ان لاءِ گهڻو ڪري سيئي باريون ڀريون پيون هيون.
وڏي مشڪل سان هـن کي هڪڙي بار ۾ هڪڙيءَ ٽيبل جـي ڀرسان ڪرسيءَ تي جاءِ ملي وئي. انهيءَ ٽيبل جي ٽن ڪرسين تي مزورن جو قبضو هو. انهن مان هڪ پٺاڻ ۽ ٻـه مڪراني هيا. پٺاڻ ۽ هڪڙو مڪراني نوجوان هئا. باقي هڪڙو ڪرڙوڊ لڳي رهيو هو. لڳي رهيو هو تـه ٻنهي نوجوانن ڏاڍو پيتو هـو ان ڪري هو الائي ڪنهن کي ڪچيون گاريون ڏئي رهيا هئا، باقي ڪرڙوڊ مڪراني آهستي آهستي شراب جا ڍڪ ڀري، وري سگريٽ مـان ڪش هڻي ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي ٿي ويو. هن جي ويهڻ مان ٻنهي نوجوانن منهن بڇڙو ڪري هن ڏانهن نفرت سان ڏنو ۽ پـوءِ وري ڪنهن کي ڪچين گارين ڏيڻ ۾ شروع ٿـي ويا. هو ٽيبل تي ويهي چڙ ۽ بيزاري مان بيري جـو انتظار ڪرڻ لڳو. بيرا ٻين گراهڪن سان رڌل هئا، انڪري هن بوريت کان بچڻ لاءِ هو بار ۾ نهارڻ لڳو. جيئن تـه بار تمام گهٽ درجي وارن بارن مان هئي. انڪري بـار ۾ ويٺل سيئي ماڻهو گهڻو ڪري ڀـورهيٽ، هيٺين وچولي طبقي جـا رولو قسم جا ماڻهو هئا. جي دنيا جي ظلمن، ستمن، ڏکن ۽ تڪليفن کان جان ڇڏائڻ لاءِ پاڻ کي شراب جي دنيا ۾ گم ڪرڻ آيـا هئا. ڪي پي رهيا هئا، ڪي وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي رهيا هئا، ڪي روئي رهيا هئا، ڪي گاريون ڏئي رهيا هئا، تـه ڪي پائخاني ڏانهن اچي رهيا هئا.
”ويچارا!“ هن جـي دل ۾ ماڻهن لاءِ رحم ۽ قياس جـو جذبو اڀريو ”ويچارا، بد نصيب وساريل ماڻهو!!!“ هن جي نظر ڪائونٽر ڏانهن هلي وئي. ڪائونٽر تي ٿلهو سيٺ ويٺو هو. جنهن جا ڪپڙا ڏاڍا گندا ٿي ويا هئا. لڳي رهيو هو تـه هن گهڻن ڏينهن کان وني ڪپڙن بدلائڻ جي ضرورت محسوس نـه ڪئي آهي. هو ڪائونٽر تـي ڏاڍي مزي ۾ ويٺو هو ۽ ڪائونٽر جي ڀرسان رکيل اسٽولن تي ويٺل ماڻهن جا خالي ٿيل گلاس ڀري رهيو هو ۽ هنن سـان ڳالهائڻ سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي کلي ٿي ڏنائين ۽ ڪائونٽر تي ٻانهون رکي ويٺل ماڻهون جامن تي جام خالي ڪري، وري پنهنجا گلاس ڀرائي شراب سان نڙي کي آلو پئي ڪيائون. ”ڪيڏا نـه واهيات لڳي رهيا آهن.“ هن کي اسٽولن تي

# ★★★ شاعري ★★★

## شيخ اياز

### وائي

ڪوڙي،
ڪرڙي،
ٻاڻ- وڪڙي-
ميريءَ کهڙو ڏوبي گهاٽ!
حيرت! حيرت
پوءِ به سياست
ڪي هيءَ جرئت
ڪيئن نه ڪري ٿي اوچو ڳاٽ!
****

## امداد حسيني

### پوسٽ

ڪتاب بند
زبان بند
راهه بند
راهه جا نشان بند
زمين چپ
آسمان چپ
نه دل نه دل جون ڌڙڪڻون
اڪين ۾ لڙڪ ويا سڪي
نه پنجرن جي جهالرن جي چانو ڪا
نه ميت ڪو نه لانو ڪا
نه گيت ڪو
نه پڙڪ ڪا
نه ٻاڦ ڪا
نه داتهن ڪا
نه ڪوڪ ڪا
چپ چپات
هتي هتي
جتي ڪٿي
رات ــ رات رات
ر .. ا ــ ت
ر ر ر ااا ت ت
****

## تاج بلوچ

### گيت

اهو اجايو روج ۽ راڙو
روئي روح نه ڳار
مرڪي جيون گهار
روئي روح نه ڳار.
تون جي روئندي ڪوبه نه روئندو
ڪلي ڪلي تون جڳ جيار
مــرڪي جـيون گهار
روئي روح نــه ڳــار.
موت ائين چڻ ميرو پاڻي
جوت جيا پي ڌار
مرڪي جيون گهار
روئي روح نه ڳار.
ڏک نگر جي بستي ساري
خوشين ساڻ سنوار
مرڪي جيون گهار
روئي روح نه ڳار.

سچ ڪان وڌيڪ ڪڙو ۽ قاتل زهر ٻيو ڪوبہ هوندو آهي. سچو ۽ مهان ڪوي اهو آهي، جو ان ڪڙي ۽ قاتل زهر جا ڍڪ ڀري قومکي امرتا ۽ سچائي جو پيغام ڏئي، ڪروڙين زهر پياڪ سقراط پيدا ڪري.

● هڪ جلد ۾ ٻہ ڪتاب ○

جديد دور جي ٻن ترقي پسند شاعرن

واجد ناز ۽ حبيب بروهيءَ جي چونڊ ۽ اڻچپيل شعرن جو ڀرپور گڏيل مجموعو

## منهنجا گيت زهر جي گيت * درد جڙن واديون

(واجد ناز) (حبيب بروهي)

تمام جلد ”نئين دنيا“ پبليڪيشن سکر، پاران پيش ڪيو ويندو.

---

## منصور

ترقي پسند ادبي قدرن

جو حامي

**

تمام جلد مارڪيٽ ۾ اچي

رهيو آهي.

لکوڙهہ لاءِ

محمدي پريس لاڙڪاڻو

---

## جلد سازيءَ جو بهترين مرڪز

هتي ڪتابن جي بائينڊنگ جو ڪم فينسي ۽ مقرر وقت تي رعايت سان ڪيو وڃي ٿو.

جلد ساز:- لقمان حڪيم

قائم شاهہ بخاري روڊ، لاڙڪاڻو

## ڪمال ريڊيو سروس

لڳ ميونسپل هاءِ اسڪول، لاڙڪاڻو

اسان وٽ ٽرانسسٽر ريڊيو ۽ ٽيپ رڪارڊ جو ڪم نهايت عمدگيءَ ۽ رعايت سان ڪيو وڃي ٿو.

هڪ دفعو ضرور آزمائيندا

---

تمام جلد اچي رهيو آهي

## * سورهيہ *

ايڊيٽر:- جوهي - دادو مرتب:- عثمان جمالي

NAEEN DUNIA PUBLICATIONS
SUKKUR SIND PAKISTAN.

☎ 2178

# مغل انجنيئرنگ انڊسٽريز
# سمال اسٽيٽ لاڙڪاڻو

اوهان جيڪڏهن ٽرالي * بليڊ * راجهر * سڪريپر ڪليٽويٽر * خريد ڪرڻ چاهيو ٿا ته اسانکي خدمت جو موقعو ضرور ڏيندا. اسان وٽ هر قسم جو زرعي سامان گارنٽي سان تيار ڪيو ويندو آهي.

ياد رکو:

رعايتي اگهن تي * معياري سامان لاءِ

مغل انجنيئرنگ انڊسٽريز
سمال اسٽيٽ لاڙڪاڻو سنڌ.

** محمدي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، جناح باغ روڊ لاڙڪاڻي ۾ ڇپيو **

# پڙھندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٽاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)